ڊاڪٽر روبينه شيخ اقوام متحده کان گهر ڪئي ته پاڪستان سرڪار
تي دٻاءُ وجهي سنڌ جو پاڻي ڪولاٽين ۽ پنجاب کي سنڌ سان ڪيل
معاهدن جو پابند بڻائين ۽ پاڪستان کي ڊيم ٺاهڻ لاءِ ڪم به سهڪار
نه ڪن - ڇاڪاڻ ته دنيا جي قديم INDUS CIVILIZATION کي تباهه
ٿيڻ جو شديد خطرو آهي -

ورلڊ سنڌي ڪانگريس جو وفد اقوام متحده جي مختلف
آفيسرن سان ملاقاتون ڪري انهن کي سنڌ ۾ تازو پيدا ٿيل صورتحال،
هلندڙ جدوجهد ۽ گرفتارين جي باري ۾ آگاهي ڏني - جنهن کي
مختلف ملڪن جي وفدن پڻ وڏي ڌيان سان پڙو -

ورلڊ سنڌي ڪانگريس پاران Item 11 جيڪو سياسي ۽ شهري
حقن جي باري ۾ آهي ان تي ضلعي حڪومتن خلاف ۽
Item 12 جيڪو عورتن جي حقن جي باري ۾ آهي تي پڻ پيپر پڙهيا ويا -

ڊاڪٽر هدايت ڀٽو
انفارميشن سيڪريٽري -